# الله پاڪ جي رِضا سڀ کان وڏي نعمت آهي

21-July-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

21 جولائي، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# الله پاڪ جي رِضا سڀ کان وڏي نعمت آهي

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

✿... الله پاڪ سان راضِي ٿيڻ مان ڇا مراد آهي؟

✿... جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا 3 عمل

✿... الله پاڪ جنهن حال ۾ رکي، اهو ئي بهتر آهي

✿... الله پاڪ کي راضِي ڪرڻ جو طريقو

✿... ربّ جي رِضا ۾ راضِي رهڻ جي لاءِ ڇا ڪجي؟

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبه بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف
(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: پنهنجي مجلس کي مون تي درودِ پاڪ پڙهي سينگاريو، توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور ٿيندو.(1)

تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے ۔۔۔ سَو درودیں فدا، ہزار سلام
وہ سلامت رہا قیامت میں ۔۔۔ پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي

[1]... جامع صغير، صفحه:280، حديث:4580۔
[2]... ذوقِ نعت، صفحه:170-171۔

جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! چڱين چڱين نيتن سان عمل جو ثواب وڏي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ با اَدَب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. اِنْ شَآءَ الله الْڪرِيم!

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰہ پاڪ سان راضِي ٿيڻ مان ڇا مراد آهي؟

حضرت رابعہ بصريہ رَحمَةُ الله عَلَیها اللّٰہ پاڪ جي وليائي، وڏي نيڪ سيرت ۽ عبادت گذار هيون، هڪ ڏينهن پاڻ ويٺيون هيون، تہ سندن سامهون هڪ شخص دُعا گهري: يا اللہ پاڪ! مون سان راضِي ٿي وڃ.

هي دُعا گهرڻ بلڪل جائز آهي، عموماً هي دُعا گهري بہ ويندي آهي پر ڪامل ولي سڳورن جا پنهنجا نِرالا انداز آهن، حضرت رابعہ بصريہ رَحمَةُ الله عَلَیها جڏهن ان شخص جي واتان هي دُعا ٻُڌي تہ فرمايائون: اي شخص! توکي شرم نٿو اچي...؟ اللّٰہ پاڪ کان ان جي رضا گهرين ٿو، جڏهن تہ توهان پاڻ ان کان راضي نہ آهيو.

ويجهو وينل هڪ شخص عرض ڪيو: ڀانهو اللّٰہ پاڪ کان راضِي ٿي وڃي هن جي ڇا معنيٰ آهي؟ فرمايائون: جڏهن توهان کي مصيبت تي بہ ايئن ئي خوشي هجي جيئن نعمت ملڻ تي ٿيندي آهي، تڏهن چيو ويندو تہ توهان اللّٰہ پاڪ کان

---

[1]... مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

راضي آهيو.[1]

تاج و تخت و حکومت مت دے — کثرتِ مال و دولت مت دے
اپنی رِضا کا دیدے مژدہ — یا اللہ مِری جھولی بھر دے[2]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! — صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا ٽي عمل

حضرت ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ صحابيء رسول آهن، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو هٿ پڪڙي فرمايائون: يَا اَبَا سَعِيدٍ ثَلَاثَةٌ مَن قَالَهُنَّ دَخَلَ الجَنَّةَ يعني اي ابو سعيد! جيڪو ٽن شين جو اقرار ڪري، اهو جنّت ۾ داخِل ٿيندو. حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي ٽي شيون ڪهڙيون آهن؟ فرمايائون: مَن رَضِيَ بِاللّٰهِ رَبًّا وَ بِالاِسلَامِ دِيناً وَ بِمُحَمَّدٍ رَسُولًا (1): يعني جيڪو الله پاڪ جي رَبّ هئڻ (2): اسلام جي دين هئڻ ۽ (3): مُحَمَّد (صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي رسول هئڻ تي راضِي ٿي وڃي.[3]

هڪ روايت جا لفظ هي آهن: وَجَبَت لَهُ الجَنَّةُ يعني جيڪو شخص الله پاڪ جي رَبّ هئڻ، اسلام جي دين هئڻ ۽ مُحَمَّد (صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي رسول هئڻ تي

---

1 ... احياء العلوم، جلد:5، صفحه:166 بتغير قليل ـ

2 ... وسائل بخشش، صفحه:123ـ

3 ... مسند احمد ، جلد:4، صفحه:29، حديث:11102ـ

راضي ٿي وڃي، ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

تاج و تخت و حکومت مت دے　　کثرتِ مال و دولت مت دے
اپنی رِضا کا دیدے مژدہ　　یا اللہ مری جھولی بھر دے[2]

## ايمان جي حلاوت نصيب ٿي ويندي آهي

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چاچا، حضرت عبّاس بن عبد المطلب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: رسولن جي تاجدار، مڪي مدني سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ذَاقَ طَعمَ الاِيْمَانِ مَن رَضِيَ بِاللهِ رَبًّا وَ بِالاِسلَامِ دِينًا وَ بِمُحَمَّدٍ نَبِيًّا يعني جيڪو الله پاڪ جي رب هئڻ، اسلام جي دين هئڻ ۽ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبي هئڻ تي راضي ٿي ويو، ان ايمان جي حلاوَت ڪي ماٽي ورتو.[3]

عالم سڳورا فرمائن ٿا: جهڙي طرح اسان جي زبان ۾ چکڻ ۽ ذائقو (*Taste*) محسوس ڪرڻ جي صلاحيت (*Ability*) رکي وئي آهي، اهڙي طرح اسان جي دِل ۾ بہ رُوحانيات (مثلاً عبادتن وغيره) جو ذائقو محسوس ڪرڻ جي صلاحيت رکي وئي آهي. ۞ اسان پنهنجي زبان تي ڪا شيء رکون تہ اسان کي خبر پئجي ويندي آهي تہ هي شيء مٺي آهي يا ڪوڙي آهي، ٿڌي آهي يا گرم آهي. ۞ اهڙي طرح جڏهن اسان نماز پڙهندا آهيون تہ اسان جي دِل نماز جو لُطف محسوس ڪندي آهي ۞ جڏهن اسان روزو رکندا آهيون تہ دِل روزي جو لُطف

---

[1]... مسلم، باب بيان ما اعده الله، صفحہ:753، حديث:1884۔

[2]... وسائل بخشش، صفحہ:123۔

[3]... ترمذی، کتاب الايمان، صفحہ:618، حديث:2623۔

محسوس ڪندي آهي ۞ اسان تلاوت ڪريون ۞ ذِڪر اَذڪار ڪريون ۞ نيڪي جي دعوت ڏيون ۞ نعت شريف پڙهون ۞ عِلمِ دين سکون، مطلب ڪا به نيڪي ڪريون، اسان جي دِل ۾ انهن شين جو لُطف محسوس ڪرڻ جي صلاحيت رکي وئي آهي پر جهڙي طرح بعض اوقات جڏهن اسان بيمار ٿي وجون، بُخار اچي ته اسان جي وات جو ذائقو بدلجي ويندو آهي، هر شيء ڪَڙي محسوس ٿيندي آهي، اهڙي طرح جڏهن دِل بيمار ٿي وجي، دِل تي غفلت جا پردا پيل هجن، دِل گُناهه ڪري ڪري ڪاري ٿي وجي، تڪبر، خود پسندي (*Selfishness*)، دُنيا جي محبت، مال جي محبت وغيره باطني بيماريون دِل ۾ پيدا ٿين ته اسان جي دِل به بيمار ٿي ويندي آهي، پوءِ نه نمازن ۾ لُطف ملندو آهي، نه روزا رکڻ ۾ سُرُور ايندو آهي، نيڪين ۾ دِل ناهي لڳندي، ايستائين جو دِل مان اِيمان جو نُور ۽ ان جو لُطف نڪري ويندو آهي، جنهن جي اهڙي حالت هجي، ان تي لازِم آهي ته هو پنهنجي دِل جو علاج ڪري ۽ ان عِلاج جو طريقو ڪهڙو آهي؟ اسان جي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ طريقو اسان کي هي اِرشاد فرمايو آهي ته بانهو الله پاڪ جي رَبّ هئڻ تي، اسلام جي دِين هئڻ تي ۽ مُحَمَّد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نبي هئڻ تي سچّي دِل سان راضي ٿي وجي، ان جي برڪت کان گُناهن جي ڪاراڻ ختم ٿي ويندي، دِل صاف ٿي ويندي ۽ ان کي ايمان جي نورانيت نصيب ٿيندي.[1]

شيخِ مُحَقّق، شيخ عبد الحق محدّث دهلوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: جيڪو شخص انهن ٽن ڳالهين (يعني الله پاڪ جي رَبّ هئڻ، اسلام جي دِين هئڻ ۽ مُحَمَّد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي

[1] ... لمعات التنقيح فی شرح مشکاة المصابيح، کتاب الايمان، جلد:1، صفحہ:78-79، تحت الحديث:9 خلاصۃً۔

نبي ﷺ تي دل سان راضِي ناهي ٿيندو، اهو ايمان جو ذائقو ناهي چکي سگهندو، ان وٽ بظاهر ايمان تہ آهي پر اِيمان جو رُوح ان کي حاصِل ناهي هوندو.[1]

هر دم ابلیس پیچھے لگا ہے | حفظِ ایمان کی التجا ہے
ہو کرم آمنِ روزِ جزا کی | میرے مولیٰ تو خیرات دیدے [2]

## رِضَا جي ٽن درجن جي وضاحت

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ منهنجو رَبّ آهي ان تي راضِي ٿيڻ مان ڇا مراد آهي؟ هن حوالي سان عالم سڳورن رِضَا جا ٽي درجا (*Levels*) بيان ڪيا آهن:

## رِضَا جو پهريون درجو

علّامہ قُرطبي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله منهنجو رَبّ آهي هن تي راضِي ٿيڻ جي هڪ معنيٰ هي آهي تہ انسان الله پاڪ کان سِواءِ ڪنهن کي بہ پنهنجو رَبّ تسليم نہ ڪري، مثلاً پٿر، وڻ، چنڊ، سج، تارن يا هن کان عِلاوه تمام اهي شيون جن کي مشرڪ پنهنجو رَبّ مڃن ٿا، انهن سڀني جو انڪار ڪري سچّي دِل سان هي اقرار ڪري تہ الله هڪ آهي، ان کان سِواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي، اهو ئي منهنجو رَبّ آهي، اهو ئي مون کي رِزق ڏئي ٿو، اهو ئي مون کي پالي ٿو، ان ئي مون کي پساهہ عطا ڪيا آهن، اهو ئي مون کي زِندگي بخشيندڙ آهي، ان

---

[1] … لمعات التنقيح فی شرح مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، جلد:1، صفحہ:78، تحت الحديث:9۔

[2] … وسائل بخشش، صفحہ:124-125۔

ڪان سِواءِ نه ڪو رَبّ هو، نه آهي، نه ڪو ٿيندو.[1]

رِضَا جو هي درجو اسان جي اِيمان جو بنياد آهي، هن جي بغير ڪو شخص مسلمان ٿي ئي نٿو سگهي.

اللہ واحد و یکتا ہے
کوئی نہ اس کا ہمتا ہے

ایک خدا بس تنہا ہے
ایک ہی سب کی سنتا ہے[2]

## رِضَا جو ٻيو درجو

الله پاڪ منهنجو رَبّ آهي هن تي راضي ٿيڻ جو هڪ ٻيو درجو آهي، هو ڪهڙو آهي؟ حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رِضَا هي آهي ته منع ۽ عطا ٻنهي حالتن ۾ دِل جي ڪيفيت هڪجهڙي رهي.[3]

يعني الله پاڪ نعمت عطا فرمائي، تڏهن به دِل مطمئن (*Satisfy*) هجي ۽ الله پاڪ جي طرفان آزمائش اچي ته هن تي به دِل مطمئن ئي رهي. مثال طور تي اسان کي ڪو اچي چئي: توهان جي هڪ ڪروڙ روپين جي لاٽري (*Lottery*) نڪتي آهي ته اسان جي دِل جي حالت ڪهڙي هوندي؟ اسان خوشي مان جهومڻ لڳنداسين، دِل مچلجي ويندي، چهري تي خوشي هوندي، شايد ايئن لڳندو ته مان ڪو خواب ڏسي رهيو آهيان. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڪو اچي چئي: توهان جي دُڪان ۾ باهه لڳي آهي ۽ سڄو سامان سڙي ويو آهي، هاڻي اسان جي دِل جي

[1]… المفهم لما اشكل من تلخيص مسلم، جلد:1، صفحه:210 ماخوذاً۔
[2]… سامانِ بخشش، صفحه:33۔
[3]… ڪشف المحجوب، صفحه:255۔

حالت ڪهڙي هوندي؟ دِل غم ۾ ٻڏي ويندي، چهري تي پريشاني جا آثار هوندا، تي سگهي ٿو تہ هاءِ مان تباھ ٿي ويس، برباد ٿي ويس جهڙا هنگامو بہ مچائي ڇڏيو.

ايئن دِل جي حالت بدلجندي آهي، نعمت ملڻ تي ڪيفيت ٻئي هوندي آهي، نعمت کسجي وڃڻ يا ڪا بي مصيبت اچڻ تي ڪيفيت ڪجھ ٻي هوندي آهي، حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي فرمان جو مطلب هي آهي تہ انسان جي ڪيفيت هر حال ۾ هڪ ئي رهي، نعمت ملڻ تي جيئن خوشي ٿيندي آهي، ايئن ئي نعمت نہ ملڻ تي بہ ٻانهو الله پاڪ کان راضِي ۽ مطمئن ئي رهي، هن کي چئبو آهي: الله پاڪ جي رَبّ هئڻ تي راضِي ٿيڻ.

## چڱي، بُري تقدير الله پاڪ جي طرفان آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪا انوکي ڳالھ نہ آهي، اسان ننڍپڻ کان پڙهندا ٻڌندا آيا آهيون: وَ الْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَ شَرِّهٖ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى هر چڱي، بُري تقدير الله پاڪ جي طرفان آهي، اسان کي نعمت ملي ۞ هي بہ الله پاڪ جي طرفان آهي ۞ ڪا آزمائش اچي، هي بہ الله پاڪ جي طرف کان آهي ۞ مال مِليو، هي بہ الله پاڪ جي طرفان آهي ۞ غُربت اچي، هي بہ الله پاڪ جي طرفان آهي ۞ صِحَّت الله پاڪ جي طرفان آهي ۞ بيماري بہ الله پاڪ ئي جي طرفان آهي، مطلب هر چڱي ۽ بُري تقدير الله پاڪ ئي جي طرفان آهي، لهٰذا جڏهن ٻانهو هي اقرار ڪري چُڪو آهي تہ مان الله پاڪ جي رَبّ هئڻ تي راضي آهيان تہ ان کي گهرجي تہ الله پاڪ جي هر فيصلي تي راضي ئي رهي، جيڪڏهن

نعمت ملڻ تي خوش ٿئي ته ته گهرجي آزمائش اچڻ تي به خُوشي ئي ٿئي، الله پاڪ جي ڪنهن فيصلي تي به دِل نندي نه ڪري، نه زبان تي شڪوه شڪايت آڻي.

ها! الله پاڪ کان دُنيا ۽ آخرت ۾ خير و عافيت جي دُعا ڪرڻ ۾ به ڪو حرج نه آهي!

اَللّٰهُمَّ اِنِّي اَسأَلُڪَ العَفوَ وَالعَافِيَۃَ فِي الدُّنيا وَالآخِرَۃِ (اي الله! مان تو کان دنيا ۽ آخرت ۾ معافي ۽ هر بُرائي کان عافيت جو سوال ڪيان ٿو).

## پُٽ جي وَفَات تي مُرڪڻ لڳا...!

حضرت فُضَيل بن عياض رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام وڏا ڪامل ولي ٿي گذريا آهن، ماڻهن کيس ڪڏهن مرڪندي نه ڏٺو هو، خوفِ خُدا، قبر ۽ آخرت، حساب ڪتاب، پُل صراط ۽ جهنّم جي عذابن وغيره جي باري ۾ غور ۽ فِڪر ڪندا رهندا هئا.

حضرت فُضَيل بن عياض رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو هڪ پُٽ هو: حضرت علي بن فُضَيل رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هي به گهڻو نيڪ، متقي، پرهيزگار، خوفِ خُدا وارو ۽ والدَين جو نهايت فرمانبردار هو، حضرت علي بن فُضَيل رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي باري ۾ اچي ٿو ته پاڻ سورت زِلزَال مڪمل نه پڙهي سگهندا هئا، سورت زِلزَال ۾ قيامت جي هولناڪين جو بيان آهي، ان ڪري جڏهن به پاڻ سورت زِلزَال پڙهندا هئا يا ٻُڌندا هئا ته خوفِ خُدا جي سبب غَش ڪائي ڪري پوندا هئا. ايترا خوفِ خُدا رکندڙ بزرگ هئا.

حضرت علي بن فُضَيل رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اجا نوجوان ئي هئا ته سندن انتقال ٿي ويو، هر

صاحِبِ اولاد سمجهي سگهي ٿو تہ جوان پُٽ جو موت ڪيترو دردناڪ محسوس ٿيندو آهي پر قربان وڃجي! حضرت فُضَيل بن عياض رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي جڏهن هي خبر ڏني وئي تہ سندن پُٽ جو انتقال ٿي ويو آهي تہ پاڻ رُنا نہ، دانهون نہ ڪيائون، بلڪ سندن چهري تي مُرڪ ڦهلجي وئي. ماڻهن کي گهڻو تعجب ٿيو، پڇيائون: سائين! عجيب معاملو آهي، عام طَور تي اوهان مرڪندا نہ آهيو، اڄ جوان پُٽ جو انتقال ٿيو آهي، هاڻي غمگين ٿيڻ جو موقعو آهي، لڙڪ وهائڻ جو موقعو آهي ۽ اوهان مرڪي رهيا آهيو، حضرت فضيل بن عياض رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نهايت خوبصورت جواب ڏنو، فرمايائون: الله پاڪ جي رضا اها ئي هئي، لهٰذا مان ان جي رِضا ۾ راضِي آهيان.[1]

زندگی اور موت کی ہے یا الٰہی کشمکش | جاں چلے تیری رِضا پر بیکس و مجبور کی[2]

الله اڪبر! هن کي چئبو آهي : الله پاڪ جي رَبّ هئڻ تي راضي ٿيڻ، الله منهنجو رَبّ آهي، هو منهنجي باري ۾ جيڪو فيصلو فرمائي، مون کي قبول آهي، دل و جان سان قبول آهي، خوش دِلي سان قبول آهي. افسوس! افسوس! اسان جو حال بلڪل اُبتڙ آهي، اسان وٽ هڪ گلاس ٽٽي پوي تہ اسان غُصّي کان لال پيلا ٿي ويندا آهيون، اوچتو بجلي (*Electricity*) بند ٿي وڃي تہ رڙيون ڪرڻ لڳندا آهيون، گاڏي پنڪچر (*Puncture*) ٿي وڃي تہ اسان کان برداشت ناهي ٿيندو، سردي گهڻي اچي، گرمي گهڻي ٿئي، معمولي بخار اچي، صِرف هڪ ڏينهن دُڪان جي آمدن (*Income*) گهٽجي وڃي، پگهار (*Salary*) ليٽ ٿي وڃي تہ

---

[1]... تذكرة الاوليا، صفحہ:68 خلاصةً۔

[2]... وسائل بخشش، صفحہ:96۔

اسان جي دِل ۾ وسوسا اچڻ لڳندا آهن، زبان تي شڪوه شڪايت ڪرڻ لڳندا آهيون.

الله! الله! اهي ڪيترا عظيم ماڻهو هئا، جوان ۽ نهايت متقي، فرمانبردار پُٽ جو انتقال ٿيو ۽ حضرت فضيل بن عياض رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مُرڪي رهيا آهن، ڇو...؟ ان ڪري جو رَبّ جي رضا اها هئي.

ڄے سوہنا میرے دُکھ وِچ راضی میں سُکھ نُوں چلھے پاواں

وضاحت: يعني جيڪڏهن منهنجي غمگين ٿيڻ سان منهنجو رَبّ راضي ٿئي ٿو ته مون کي سُک جي ڪا حاجت نه آهي، مون کي هي ڏُک ئي قبول آهن.

## رضا جو ٽيون دَرجو

**پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ منهنجو رَبّ آهي، هن جي رضا تي راضي رهڻ جو هڪ ٽيون درجو به آهي ۽ هي اهو درجو آهي جو هر مسلمان کي گهٽ مان گهٽ هن درجي تي لازمي هئڻ گهرجي. هي درجو ڪهڙو آهي؟ حضرت ابو علي دَقَّاق رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رِضا هي نه آهي ته ماڻهو کي تڪليف محسوس ئي نه ٿئي بلڪ رِضا هي آهي ته انسان الله پاڪ جي فيصلي تي اعتراض نه ڪري.[1]

تڪليف پهتي، مصيبت آئي، ڪٿي چوٽ لڳي، ڪنهن عزيز جو انتقال ٿي ويو، غُربت اچي وئي، بيماري اچي وئي، هي شيون محسوس ٿين، دِل غمگين ٿي وڃي، اک مان لڙڪ نڪري اچن، هن ۾ ڪو حرج نه آهي، پر هي ضروري آهي ته اسان دِل ننڍي نه ڪريون، زبان تي شڪوا نه آڻيون، پنهنجي پياري رَبّ

[1]... رسالہ قشیریہ، رضا کا بیان، صفحہ:358 بتغیر قلیل ۔

ڪريم جي فيصلي تي مَعَاذَ الله اعتراض نہ ڪريون. حُضُور غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: اَلِاعۡتِرَاضُ عَلَی الۡحَقِّ مَوۡتُ الدِّیۡنِ وَ مَوۡتُ التَّوۡحِیۡدِ وَ مَوۡتُ التَّوَکُّلِ يعني الله پاڪ تي اعتراض ڪرڻ دِين جو بہ موت آهي، تَوحيد جو بہ موت آهي ۽ توڪل جو بہ موت آهي.[1]

## الله پاڪ تي اعتراض ڪفر آهي

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ پنهنجي انمول ڪتاب ڪفريه ڪلمات جي باري مين سوال جواب صفحي: 141 ۽ 142 تي لکن ٿا: الله پاڪ تي اعتراض ڪرڻ قطعي ڪفر آهي ۽ مُعتَرِض (يعني الله پاڪ تي اعتراض ڪرڻ وارو) ڪافِر آهي، الله پاڪ خالِق ۽ مالِڪ آهي، اُن جي پيدا ڪيل ٻانهي جو اُن تي اعتراض ڪرڻ اُن جي شديد ترين توهين آهي، مسلمان کي گهرجي تہ الله پاڪ جي هر ڪم کي حڪمت ڀريو ئي يقين ڪري چاهي ان جي پنهنجي عقل ۾ اچي يا نہ اچي. زَبان تي اچڻ تہ رهيو پري، دل ۾ بہ اعتِراض کي جڳهہ نہ ڏئي.[2]

اے خُدائے مصطفٰی! ایمان پر ہو خاتمہ | مغفرت کر! واسطہ اَصحاب و اَہلِ بیت کا

## رِضا ڇو ضروري آهي؟

اي عاشقانِ رسول! اسان ٻانها آهيون ۽ ٻانهي کي هي حق نٿو پهچي تہ هو

1... الفتح الربانی، مجلس اول، صفحہ:9-10۔

2... کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، صفحہ:141-142 ملتقطاً۔

پنهنجي رَبّ ڪريم جي فيصلي تي اعتراض ڪري، الله پاڪ اسان جو رَبّ آهي، ان ئيَ اسان کي پيدا فرمايو، انهيءَ اسان کي زِندگي بخشي، اهو ئي اسان کي رِزق عطا فرمائي ٿو، ان ئي اسان جي لاءِ زمين جو فرش وڇايو، انهيءَ اسان جي لاءِ نيري آسمان جي ڇت ٺاهي، هر طرح جون نعمتون اسان کي اهو ئي عطا فرمائي ٿو، اهو ئي اسان جو خالِق آهي، اهو ئي اسان جو مالِڪ آهي، اسان تہ ٻانها آهيون ۽ ٻانهي جو اهو ئي حق آهي تہ پنهنجي رَبّ جي فيصلي تي راضِي رهي. اَصل ۾ ڏنو وڃي تہ اعتراض الله پاڪ جي فيصلي تي نہ آهي بلڪ اسان جي اُنهن خواهشن تي هئڻ گهرجي جيڪي الله پاڪ جي مرضي کان جدا آهن، مثلاً الله پاڪ مون کي غريب رکيو، ان جي باوُجُود منهنجي دِل ۾ امير هئڻ جي خواهش آهي تہ گهرجي تہ مان پنهنجي هن خواهش کي بُرو چوان، آخر هڪ ٻانهي جي دِل ۾ اهڙي خواهش ئي ڇو رهي جيڪا ان جي رَبّ جي مرضي جي خِلاف آهي؟ امام قشيري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: تقدير کان جيڪو ڪجھ ظاهر ٿئي، ان جي سامهون پنهنجن اختيارن کي ڇڏي ڏيڻ، هن کي عُبُودِيت (يعني بندگي) چيو ويندو آهي.[1] حضرت رُوَيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ٻانهي جي ساڄي هٿ تي پُورو جهنّم رکيو وڃي تہ (ان تي اعتراض ڪرڻ تہ رهيو پري، ان کي گهرجي تہ) هي بہ نہ چوي تہ يا الله پاڪ! هن کي کاٻي هٿ تي رکي ڇڏ.[2]

هڪ حديثِ قدسي ۾ آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: مان ئي الله آهيان، مون کان

[1]… رسالہ قشيريہ، عبوديت کا بيان، صفحہ:364 بتغير قليل ـ

[2]… رسالہ قشيريہ، رضا کا بيان، صفحہ:360ـ

سِواء ڪو عبادت جي لائق نہ آهي، پوءِ جيڪو منهنجي (ڏنل) مصيبت تي صبر نہ ڪري، منهنجي نعمتن جو شڪر ادا نہ ڪري ۽ منهنجي تقدير تي راضي نہ ٿئي، ان کي گهرجي تہ مون کان علاوه ڪو ٻيو رَبّ ڳولهي وٺي.[1]
اَلْاَمان والحفيظ!

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! هي فرمان تمام گهڻو اڪيون کوليندڙ آهي. جيڪو شخص الله پاڪ جي تقدير تي، ان جي فيصلن تي راضي نٿو رهي، ان کي جڻ ڏڪاريو وڃي پيو، ان کي ٻڌايو وڃي پيو تہ هو ٻانهو سڏرائڻ جو حقدار ئي نہ آهي. اَصل ۾ ٻانهو تہ اهو ئي آهي جيڪو رَبّ ڪريم جي فيصلن تي راضي رهي ٿو.

ڪس کے در پر میں جاؤں گا مولیٰ | گر تُو ناراض ہو گیا یا ربّ[2]

## ٻانهو هئڻ ڪنهن کي چئبو آهي؟

اڳوڻي دَور ۾ غُلام باقاعده بازار ۾ وڪامندا هئا، هڪ ڀيري حضرت ابراهيم بن اَدهَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هڪ غُلام جي ضرورت پيش آئي، پاڻ بازار ۾ ويا، هڪ غُلام خريد ڪري گهر وٺي آيا، پاڻ ان غلام کان پڇيائون: تنهنجو نالو ڇا آهي؟ غُلام چيو: جنهن نالي کان اوهان پُڪاريو، اهو ئي منهنجو نالو آهي، پاڻ پڇيائين: توهان ڇا کائڻ جا عادِي آهيو؟ غُلام چيو: جيڪو اوهان کارايو، کائي وٺندس، پوءِ پڇيائون: ڪا خواهش هجي تہ ٻڌايو! غُلام چيو: جيڪا اوهان جي خواهش آهي، اها منهنجي خواهش آهي. مان تہ غُلام آهيان ۽ غُلام کي هنن

[1]… معجم ڪبير ،جلد:22، صفحہ:321، حديث:807 بتغير ـ
[2]… وسائلِ بخشش، صفحہ:80ـ

شين بابت ڪو تعلق ناهي هوندو.ان تي حضرت ابراهيم بن ادهم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سوچڻ لڳا: ڪاش! مان بہ اللہ پاڪ جو اهڙو ئي اطاعت گذار ٿين ها تہ ڪيترو سٺو هو.[(1)]

اي عاشقانِ رسول! هن ڪي چئبو آهي، ٻانهو (يعني غُلام) ٿيڻ، ٻانهو اهو ئي هوندو آهي جنهن جي پنهنجي ڪا خواهش نہ هجي، جنهن جي پنهنجي ڪا مرضي نہ هجي، ٻانهو هميشہ پنهنجي مالِڪ جي مرضِي تي هلندو آهي، ان ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ غربت اچي، پريشاني اچي، مصيبت اچي، ڪجهہ بہ ٿئي، اسان اللہ پاڪ جي فيصلي تي مطمئن رهون، ڪڏهن بہ شڪوه شڪايت زبان تي نہ آڻيون.

## اللہ پاڪ جنهن حال ۾ رکي، اهو ئي بهتر آهي

امام شَعراني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ٻانهي جي لاءِ بندگي جو شان هي آهي تہ ٻانهو هر حال ۾ اللہ پاڪ کان راضِي ئي رهي، ڪنهن معاملي ۾ بہ دِل ننڍي نہ ڪري، جيڪو ڪجهہ عطا ڪيو ويو، ان کان وڌيڪ جي خواهش نہ ڪري، ان ڪري جو اللہ پاڪ اسان کان وڌيڪ اسان جي ڀلائي بابت ڄاڻ رکڻ وارو آهي، اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ عَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ خَیْرٌ لَّكُمْۚ وَ عَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَیْــٴًـا وَّ هُوَ شَرٌّ | ترجَمو ڪنزُ العرفان: ۽ ممڪن آهي تہ ڪا ڳالهہ توهان کي ناپسند هجي حالانڪ اها توهان جي حق ۾ بهتر هجي ۽ ممڪن آهي تہ ڪا ڳالهہ |

[1]… تذکرۃ الاولیا، حضرت ابراہیم ادھم، صفحہ:78۔

تّكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ

(پاره: 2، سورة بقره: 216)

توهان کي پسند اچي حالانڪ اها توهان جي حق ۾ بُري هجي ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو

امام شعراني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن مان معلوم ٿيو الله پاڪ جيڪو ڪجهه عطا فرمايو آهي، جنهن حال ۾ رکيو آهي، جيڪڏهن ٻانهو ان جي عِلاوه ڪجهه ٻيو طلب ڪري ته هو ڄڻ هن ڳالهه جي دعويٰ ڪري رهيو آهي ته هو الله پاڪ کان وڌيڪ عِلم رکڻ وارو آهي ۽ ٻانهي جي جاهل هئڻ جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي.[1]

اَلْاَمان وَ الحَفِيظ! اي عاشقانِ رسول ! غور فرمايو! جيڪڏهن اسان الله پاڪ جي رِضا ۾ راضِي نٿا رهون، جيڪو ڪجهه الله پاڪ عطا فرمايو آهي، ان تي راضِي نٿا ٿيون، جنهن حال ۾ الله پاڪ رکيو آهي، ان حال ۾ خوش نٿا ٿيون ته ڏسو! ڳالهه ڪيتري پري تائين وڃي پهتي، هي ڄڻ هن ڳالهه جي دعويٰ آهي ته ٻانهو الله پاڪ کان وڌيڪ عِلم رکي ٿو، جڏهن ته ايئن بلڪل به نٿو ٿي سگهي، الله پاڪ جو ئي عِلم ڪامِل آهي، ڪو به ان کان وڌيڪ عِلم وارو نه آهي، ان پنهنجي ازلي علم کان ڄاڻي ورتو ۽ جيڪو اسان جي حق ۾ بهتر آهي، اهو ئي عطا فرمايو آهي. لهٰذا اسان کي گهرجي ته اسان هر حال ۾ الله پاڪ جي رِضا ۾ راضِي ئي رهون.

## پيرتي چوٽ چولڳي...؟

حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي باري ۾ منقول آهي، پاڻ هڪ ڏينهن

[1]... انوار القدسيہ فی بيان آداب العبوديہ، صفحہ:30۔

پنهنجي پُٽ کي فرمايو: توهان کي جيڪو بہ مُعَاملو پيش اچي، توهان کي سٺو لڳي يا بُرو، پنهنجي دِل ۾ اهو ئي رکو تہ اهو توهان جي حق ۾ بهتر آهي. پُٽ عرض ڪيو: بابا سائين! هي ڳالهہ ٿوري کولي سمجهايو! ايئن ڪيئن ٿو ٿئي سگهي جو هر ڳالهہ منهنجي حق ۾ بهتر ئي هجي؟ حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: هڪ علائقي ۾ الله پاڪ جا هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام تشريف فرما آهن، اچ! سندن خِدمت ۾ حاضِر ٿيون، هو اسان کي وڌيڪ بهتر نموني سمجهائيندا. پوءِ ٻئي (پيءُ، پُٽ) سَفَر جو سامان ٻڌي، ٻن جانورن تي سُوار ٿي عِلمِ دين سکڻ جي لاءِ نڪري پيا، گرمي بہ سخت هئي، سَفر ڏگهو هو، رستي ۾ ماني ۽ پاڻي ختم ٿي ويو، ٻنهي پيءُ پُٽن کي ٿڪاوٽ بہ ٿي، جانور بہ ٿڪجي پيا، هاڻي ٻئي جانورن تان لهي پيادل هلڻ لڳا، هلندي هلندي ڪافِي پري وڃي حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي پري کان دونهون اٿندي نظر آيو، ڪجهہ حوصلو ٿيو تہ آبادي ويجهو ئي آهي پر اتي هڪ ٻئي مشڪل اچي ورائي ورتو، ڪا نوڪدار هڏي هئي، اها سندن پُٽ جي پير ۾ لڳي آر پار ٿي وئي، رت وهڻ لڳو، ڪيئي ڏينهن جا مُسَافِر، شديد گرمي، پاڻي بہ نہ آهي، کاڌو بہ نہ آهي، اهڙي حالت ۾ رت نڪتو تہ حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو شهزادو غُش کائي زمين تي ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو، پُٽ جي اها حالت ڏسي حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا، پاڻ وڏي مشڪل سان اها هڏي پير مان ڪڍي، پٽي ٻڌائون، ڪجهہ بهتري ٿي تہ پُٽ کي هوش اچي ويو، هاڻي سندن پُٽ عرض ڪيو: بابا سائين! اسان مُسَافِر آهيون، سخت گرمي بہ آهي، پاڻي ختم ٿي چڪو آهي، هن حالت ۾ مون کي چوٽ بہ لڳي آهي، نہ اسان اڳتي هلڻ جي لائق

آهيون، نہ واپس موٽي سگهون ٿا،اسان جو ڪو حال پڇڻ وارو بہ نہ آهي، ٻڌايو! هي سڀ ڪجھ منهنجي لاءِ بهتر ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: پٽ! هي جيڪا مصيبت اسان کي پهتي آهي، ٿي سگهي ٿو تہ هن جي ذريعي ڪا وڏي مصيبت اسان کان پري ڪئي وئي هجي. اجا هي ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي پري کان ڪو شخص ايندو نظر آيو، پاڻ ڪجھ مطمئن ٿيا پر جلد ئي اهو نگاهن اڳيان غائب ٿي ويو، پوءِ ڪين هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو: اَنتَ لُقمَان چا توهان لقمان آهيو؟ جواب ڏنائون: جي ها! مان لقمان آهيان. پڇيائين: حڪيم لقمان؟ چيائون: ماٺهو تہ ايئن ئي سڏين ٿا. پڇڻ واري وري پڇيو: توهان جي پُٽ چا چيو آهي؟ حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ سامهون چو نٿا اچو؟ آواز آيو: مان جبريل آهيان، مان صِرف نبين ۽ ملائڪن کي نظر ايندو آهيان. چيائون: جيڪڏهن اوهان جبريل آهيو، پوءِ تہ اوهان اسان جي حال کان واقِف هوندؤ؟ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اللہ پاڪ مون کي هڪ شهر تي عذاب نازِل ڪرڻ جي لاءِ موڪليو هو، جڏهن مان اتي پهتس تہ مون کي معلوم ٿيو تہ توهان ٻئي بہ ان شهر ڏانهن وڃي رهيا آهيو، ان ڪري مون اللہ پاڪ کان دُعا گهري: يا اللہ پاڪ! هنن ٻنهي کي هن شهر ۾داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏ، منهنجي دُعا قبول ٿي ۽ توهان جو پٽ تڪليف ۾ مبتلا ٿي ويو، جيڪڏهن ايئن نہ ٿئي ها ۽ توهان شهر ۾ داخِل ٿي وڃو ها تہ توهان بہ شهر وارن سان گڏ عذاب ۾ گرفتار ٿي وڃو ها.[1]

---

[1]...الرضا عن الله بقضائہ لابن ابی الدنیا، حکایات عن الراضین، صفحہ:62-63۔

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو: اسان سان جيڪو ڪجھ بہ ٿئي ٿو، بهتر ئي ٿئي ٿو، الله پاڪ اسان کي جنهن حال ۾ بہ رکي ٿو، اهو ئي حال اسان جي حق ۾ بهتر آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان الله پاڪ جي رِضا ۾ راضِي رهون، ڪڏهن بہ دِل ننڍي نہ ڪريون، نہ ئي زبان تي شڪوہ شڪايت آڻيون.

## الله پاڪ سيني کي ڪمال ئي عطا فرمايو آهي

حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون عَلَيۡهِمَا السَّلَام فِرعَون وٽ، ان کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ ويا تہ فرعون پڇيو

| | |
|---|---|
| قَالَ فَمَنۡ رَّبُّكُمَا يٰمُوۡسٰى ﴿۴۹﴾<br>(پاره: 16، سورة طٰهٰ: 49) | ترجَمو ڪنزُ العرفان: اي موسيٰ! پوءِ توهان ٻنهي جو رب ڪير آهي؟ |

هن جي جواب ۾ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِالسَّلَام فرمايائون:

| | |
|---|---|
| قَالَ رَبُّنَا الَّذِىۡۤ اَعۡطٰى كُلَّ شَىۡءٍ خَلۡقَهٗ ثُمَّ هَدٰى ﴿۵۰﴾<br>(پاره: 16، سورة طٰهٰ: 50) | ترجَمو ڪنزُ العِرفان: اسان جو رب اهو آهي جنهن هر شيءِ کي ان جي لائق صورت ڏني پوءِ راھ ڏيکاريائين. |

مُفَسّر سڳورن هن آيت جي جيڪا وَضاحت فرمائي، هن جي مطابق هن جو مطلب هي آهي تہ رَبّ اهو آهي جنهن هر شيء کي هڪ خاص مقصد (*Purpose*) جي تحت، مَخصُوص صلاحيت تي پيدا فرمايو آهي، پوءِ هر شيء کي ان جي

ڪم جي مطابق صُورت بہ عطا فرمائي، پوءِ هر شيء کي ان جي صلاحيت ۽ ڪم جي مطابق اَسباب بہ عطا فرمايا آهن ۽ گڏوگڏ انهن سببن کي استعمال ڪيئن آڻو آهي، ان جي هدايت بہ فرمائي. مثلاً الله پاڪ اک ڏسڻ جي لاءِ پيدا فرمائي، ان ۾ ڏسڻ جي صلاحيت بہ رکي، ڪن ٻُڌڻ جي لاءِ پيدا فرمايا، ڪنن کي اُنهن جي ڪم جي مطابق شڪل و صُورت بہ عطا فرمائي ۽ ٻُڌڻ جي صلاحيت ڪان بہ نوازيو، پوءِ ڪمال هي تہ هر شيء جو هڪ خاص مقصد آهي، ۽ هڪ خاص ڪم آهي، ڪن ٻڌن ٿا، ڏسي نٿا سگهن، اک ڏسي ٿي، ٻڌي نٿي سگهي، اهڙي طرح ڪائنات جي هر شيء پنهنجي هڪ جُدا مقصد جي تحت، پنهنجي عليحده ڪم جي لاءِ ٺاهي وئي آهي، هر شيء کي ان جي صلاحيت ۽ ڪم جي مطابق شڪل و صُورت بہ ڏني وئي آهي، اَسبَاب بہ مهيا ڪيا ويا آهن ۽ اُن اَسبَاب کي استعمال ڪرڻ جي هدايت بہ عطا فرمائي وئي آهي.[1]

امام شَعراني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن آيت جي وَضاحت ڪندي لکن ٿا: هي آيت تقاضا ڪري ٿي تہ الله پاڪ پنهنجي حڪمتِ بالغہ جي مطابق جنهن کي جيڪو عطا فرمايو آهي، اُن جي لاءِ ڪمال اهو ئي آهي ۞ نبين کي نبوت عطا فرمائي اُنهن جي حق ۾ نبي هئڻ ڪمال آهي ۞ وَلِين کي وِلايت عطا فرمائي اُنهن جي لاءِ وِلايت ڪمال آهي ۞ عالمن کي عِلم عطا فرمايو، اُنهن جي لاءِ عِلم ڪمال آهي، مطلب جنهن کي جيڪو بہ عطا ٿيو، ان کي ڪمال ئي عطا ٿيو.[2]

هن کي ايئن ڪٿي سمجهو تہ الله پاڪ جي بارگاهہ مان جنهن کي جيڪو بہ مِليو

---

[1]... روح المعانی، پاره:16، سورۃ طٰہ، تحت الآية:50، جز:16، جلد:8، صفحہ:683 بتغير قليل ۔

[2]... انوار القدسيہ فی بيان آداب العبوديہ، صفحہ:30۔

آهي، 100 فيصد ئي مِليو آهي، ڪنهن کي بہ گهٽ ناهي ڏنو ويو، ها! هر هڪ جو 100 فيصد اُن جي صلاحيت ۽ طاقت جي مطابق آهي. مثال طَور تي هڪ نَرسَري ڪلاس جو طالبِ عِلم آهي، ان کي نَرسَرِي ۾ 100 فيصد نمبر ڏنا وڃن تہ هو ڪهڙي ڪلاس ۾ پهچندو؟ پَرَيپ ۾. اهڙي طرح هڪ ***B.A*** جو طالبِ عِلم آهي، ان کي 100 فيصد نمبر ڏنا وڃن تہ اهو ڪهڙي ڪلاس ۾ پهچندؤ؟ ***M.A*** ۾. هي فرق ڇو؟ ٻنهي کي 100 فيصد ئي نمبر مليا آهن تہ هڪ پريپ ۾ ۽ ٻيو ***M.A*** ۾ ڇو پهتو؟ بلڪل واضِح ڳالھ آهي، نمبر توڙي جو ٻنهي کي برابر (يعني 100 سيڪڙو) مليا پر ٻنهي جي صلاحيت مختلف هئي، ٻنهي جي قابليت مختلف هئي، بالفرض جيڪڏهن نَرسَرِي واري کي 100 فيصد نمبر ملڻ تي ***M.A*** ۾ ويهاريو وڃي يا ***B.A*** واري کي 100 فيصد نمبر ملڻ تي پريپ ۾ ويهاريو وڃي تہ ٻئي پنهنجو توازُن وڃائي ويهن ها، ٻئي اَن بيلنس ٿي وڃن ها.

اهڙي طرح دُنيا ۾ الله پاڪ هر هڪ کي ڪمال ئي عطا فرمايو آهي، جيڪو امير آهي، ان کي بہ 100 سيڪڙو مِليو ۽ جيڪو غريب آهي، ان کي بہ 100 سيڪڙو ئي مِليو، البتہ هر هڪ جي قابليت جُدا آهي، هر هڪ جي طاقت جُدا آهي، جيڪڏهن غريب کي 150 سيڪڙو ڏئي ان کي امير ڪيو وڃي يا امير کي 50 سيڪڙو ڏئي غريب ڪيو وڃي تہ ٻئي پنهنجو توازُن وڃائي ويهن ها، ٻئي اَن بيلنس ٿي وڃن ها پر قربان وڃجي! الله سمورن جهانن جو رَبُّ آهي، اُن هر هڪ کي 100 سيڪڙو ئي عطا فرمايو ۽ جنهن کي جيڪو ڪجھ عطا فرمايو، ان جي حق ۾ اهو ئي ڪمال آهي.

حديثِ قدسي ۾ آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: منهنجا ڪجھ ٻانها اهي ئي آهن جن

جي حق ۾ غُربت ئي بهتر آهي، جيڪڏهن مان اُنهن کي امير بڻايا هان ته انهن جو حال بگڙجي وڃي هان ۽ ڪجهه ٻانها اهي آهن جن جي حق ۾ امير هئڻ ئي بهتر آهي، جيڪڏهن مان اُنهن کي غريب ڪيان ها ته انهن جو حال بگڙجي وڃي ها.[1]

خُدا! تجھ سے تیری وِلا مانگتاہوں | میں عشقِ شہِ اَنْبِیا مانگتا ہوں
اِلٰہی! نہیں مانگتا مال و دولت | فقط تجھ سے تیری رِضا مانگتا ہوں[2]

## ان جو ته انڌو هئڻ ئي بهتر آهي

الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ڀيري نهر جي قريب کان لنگهي رهيا هئا، پاڻ ڏٺائون ته ٻار نهر ۾ وهنجي رهيا آهن، انهن سان گڏ هڪ نابين (*Blind*) ٻار به هو، حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي ان جي حال تي رَحم آيو، پاڻ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دُعا گهري: يا الله پاڪ! هن کي به اکيون عطا فرماءِ. الله پاڪ سندن دُعا قبول فرمائي ۽ ان ٻار کي اکيون عطا فرمايون، جڏهن ان اکيون کوليون ۽ ٻارن کي ڏٺائين ته هڪ ٻار کي پڪڙي پاڻي ۾ ايتري قدر غوطا ڏنائين جو هو مري ويو، وري ٻئي کي پڪڙي ان کي به غوطا ڏئي قتل ڪري ڇڏيائين، هي منظر ڏسي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام حيران ٿي ويا ۽ دُعا گهري: يا الله پاڪ! تُون پنهنجي مخلوق کي بهتر ڄاڻڻ وارو آهين، هن کي پهرين حالت تي ئي موٽائي ڇڏ.[3]

---

[1]... مرقاة المفاتيح، كتاب الدعوات، جلد:5، صفحه:314، تحت الحديث:2459ـ
[2]... وسائلِ فردوس، صفحه:1ـ
[3]... آنسوؤں کا دریا، صفحه:252 خلاصةًـ

اي عاشقانِ رسول! جڏهن الله پاڪ هر هڪ کي ڪمال ئي عطا فرمايو، رَبّ ڪريم جي بارگاهه مان جنهن کي جيڪو مِلي رهيو آهي، 100 سيڪڙو ئي ملي رهيو آهي، هر هڪ جهڙي حال ۾ آهي، اهو ئي حال ان جي حق ۾ بهتر آهي تہ ٻڌايو! شڪوه شڪايت جي گنجائش ئي ڪهڙي رِهجي وجي ٿي، شڪوه تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن اسان سان ناانِصَافي ٿي رهي هجي، ناانِصَافي تہ ٿي نہ آهي، هر هڪ کي ڪمال ئي عطا ڪيو ويو، هر هڪ کي ان جي قابليت ۽ صلاحيت جي مطابق بهتر حالت ئي ۾ رکيو ويو تہ اسان جو حق ٿئي ٿو تہ اسان هن تي راضي رهون، هن جي باوُجُود بہ جيڪو الله پاڪ جي رِضا ۾ راضي نہ آهي، شڪوه شڪايت ڪري ٿو، اهو تہ ڄڻ هي چاهي ٿو تہ اک ٻڌي ۽ ڪن ڏسي، جڏهن تہ هي واضِح جهالت آهي، ڪن ڏسڻ جي لاءِ نہ ٻڌڻ جي لاءِ آهن، اک ٻڌڻ جي لاءِ نہ آهي، بلڪ ڏسڻ جي لاءِ آهي، لهٰذا الله پاڪ جنهن کي جتي رکيو، جهڙي حال ۾ رکيو، ان کي گهرجي تہ ان تي راضِي رهي، ڪڏهن بہ زبان تي شڪوه شڪايت نہ آڻي.

## راضي بہ رِضا رهڻ وارن جي لاءِ خوشخبري

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: طُوْبٰی لِمَنْ هُدِیَ لِلْاِسْلَامِ وَ کَانَ رِزْقُهٗ کَفَافًا وَ رَضِیَ بِهٖ يعني خوشخبري آهي ان جي لاءِ جنهن کي اسلام جي هدايت ڏني وئي، قدرِ ڪفايت رِزق ڏنو ويو ۽ هو ان تي راضي آهي.[(1)]

[1]... احياء العلوم ، جلد:5، صفحہ:159، ترمذی، کتاب الزہد، صفحہ:561، حديث:2349 مفہوماً۔

## قبرن مان اُٿندڙ جنّت ۾ داخِل ٿيڻ وارا

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ الله پاڪ منهنجي اُمّت جي هڪ گروهہ کي پَرَ عطا فرمائيندو، جن جي ذريعي هُو پنهنجي قبرن مان اُٿندي جنّت ۾ هليا ويندا ۽ اتي جيئن چاهيندا لطف اندوز ٿيندا. ملائڪ انهن کان پڇندا: ڇا توهان حساب ڏئي چڪا آهيو؟ هُو چوندا: اسان حساب ناهي ڏٺو. ملائڪ ٻيهر پڇندا: ڇا توهان پُلصراط تان لنگهي چڪا آهيو؟ هو جواب ڏيندا: اسان پُلصراط ناهي ڏٺو. ٻيهر ملائڪ پڇندا: ڇا توهان جهنم کي ڏٺو؟ هو چوندا: اسان ڪنهن شيء کي ناهي ڏٺو. تڏهن ملائڪ انهن کي چوندا: توهان ڪنهن جي امت مان آهيو؟ هو خوش بخت جنتي چوندا: اسان امام الانبياء حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اُمّتي آهيون. ملائڪ چوندا: اسان توهان کي الله پاڪ جو قسم ڏيون ٿا، ٻڌايو دنيا ۾ توهان جا عمل ڪهڙا هئا؟ هو جواب ڏيندا: اسان جون 2 عادتون هيون، جن جي ڪري اسان الله پاڪ جي فضل و ڪرم کان هن رُتبي کي پهتا آهيون: (1): اسان تنهائي ۾ بہ الله پاڪ جي نافرماني کان حياء ڪندا هئاسين ۽ (2): اسان الله پاڪ جي عطا ڪيل ٿوري رِزق تي راضي رهندا هئاسين.[1]

| | |
|---|---|
| تاج وتخت وحکومت مت دے | کثرتِ مال و دولت مت دے |
| اپنی رِضا کا دیدے مژدہ | یا اللہ مری جھولی بھر دے [2] |

---

[1] ... قوت القلوب، شرح مقام التوكل و وصف احوال المتوكلين، جلد:2، صفحہ:65۔

[2] ... وسائل بخشش، صفحہ:123۔

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! اندازو ڪريو! قيامت جو 50 هزار سالن جو ڏينهن، ماڻهو قبرن مان اُٿي ميدانِ محشر جو رُخ ڪندا، افسوس! اها ٿهڪندڙ ٽامي جي زمين، سوا ميل تي رهي باهه وسائيندڙ سج، انتها جي گرمي، پوءِ اَعمالنامو هٿن ۾ ڏنو وڃڻ، حساب ڪتاب جو معاملو، وري پُلصراط تان گذرڻ جو مرحلو، پُلصراط بہ ڪهڙو؟ وار کان سنهو، تلوار جي ڌار کان تيز، 1500 سال جي راهه، هوڏانهن ماڻهو اهڙي هولناڪ تڪليفن ۾ مبتلا هوندا ۽ هيڏانهن الله پاڪ جي رِضا ۾ راضِي رهڻ وارا، تنهائي ۾ بہ رَبّ ڪريم جي نافرماني کان بچڻ وارا قبرن ئي مان اُڏامي جنّت ۾ پهچي ويندا، نہ ميدانِ محشر جي گرمي ڏسندا، نہ حساب ڪتاب، نہ پُل صراط...!! سُبحٰنَ الله! اندازو لڳايو! هي ڪيترا خوش نصيب هوندا. ڪاش! اسان بہ اهڙا ٿيون، ڪاش! اسان بہ الله پاڪ جي رِضا ۾ راضِي رهڻ وارا، خَلوت ۽ جلوت ۾ گُنَاهن کان بچڻ وارا، پنهنجي رَبّ ڪريم جا فرمانبردار ٻانها بڻجي وڃون.

## الله پاڪ کي راضِي ڪرڻ جو طريقو

امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي طرفان ٻانهي کي آخرت ۾ جيڪي انعام عطا ڪيا ويندا، انهن ۾ سڀ کان وڏو ۽ انتهائي درجي جو انعام هي آهي تہ الله پاڪ ٻانهي کان راضي ٿي وڃي.[1] الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَرِضۡوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكۡبَرُؕ<br>(پاره: 10، سورهٔ توبه: 72) | ترجَمو ڪنزُ العِرفان: ۽ الله جي رضا سڀ کان وڏي شيءِ آهي. |

[1]... احياء العلوم ، جلد:5، صفحه:157۔

يعني جنت جي نعمتن مان سڀ کان وڏي نعمت هي هوندي تہ الله پاڪ جنتين کان راضي هوندو، ڪڏهن ناراض نہ ٿيندو.[(1)]

پياري آقاء مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ اهلِ جنت کي فرمائيندو: اي جنتيو! ڇا توها راضي ٿي ويؤ؟ جنتي عرض ڪندا: موليٰ! راضي ڇو نہ ٿينداسين تو اسان کي اهي نعمتون ڏنيون جيڪي ڪنهن کي ناهي ڏنيون. الله پاڪ فرمائيندو: مان توهان کي ان سڀ کان اعليٰ نعمت ڏيندس، جنتي عَرض ڪندا: موليٰ! انهن کان افضل ڪهڙي شيء ٿي سگهي ٿي؟ الله پاڪ فرمائيندو: مان توهان کان راضي رهندس ڪڏهن ناراض نہ ٿيندس.[(2)]

معلوم ٿيو: الله پاڪ جي رِضا ملڻ آخرت جي انعامن ۾ سڀ کان وڏو انعام آهي ۽ هي انعام ملندو ڪيئن آهي؟ امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي (آخرت جو سڀ کان وڏو انعام) انهيء صُورت ۾ ملندو آهي جو ٻانهو دُنيا ۾ الله پاڪ کان راضي رهي.[(3)]

هڪ ڀيري بني اسرائيل حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاه ۾ عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلَام! الله پاڪ کان اهڙو عَمَل معلوم ڪيو جو جڏهن اسان اهو عَمَل ڪريون تہ الله پاڪ اسان کان راضِي ٿي وڃي. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام رَبّ ڪريم جي بارگاه ۾ بني اسرائيل جو مُدَّعا پيش ڪيو، هن تي الله پاڪ فرمايو: اي موسيٰ! بني اسرائيل کي ٻڌايو! هو مون کان راضِي رهن، مان اُنهن

---

[1]… تفسير خازن، پاره:10، سورۀ توبہ، تحت الآية:72، جلد:2، صفحہ:261۔

[2]… بخارى كتاب التوحيد، باب كلام الرب مع اہل الجنۃ، صفحہ:1812، حديث:7518۔

[3]… احياء العلوم ، جلد:5، صفحہ:157۔

ڪان راضي ٿي ويندس.[1]

شيخ ابو علي دَقّاق رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو هڪ شاگرد فرمائيندو هو: مون کي هي معلوم ٿي ويندو آهي ته الله پاڪ مون کان راضي آهي يا نه؟ پڇيو ويو: اهو ڪيئن؟ فرمايائون: جڏهن مان رَبّ کان راضِي هوندو آهيان ته هو به مون کان راضِي هوندو آهي.[2]

## سيلاب رُڪجي ويو...!!

چوَن ٿا: ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ نيڪ بزرگ رهندو هو، سيئي ماڻهو ان جي گهڻي عزّت ڪندا هئا، اُن کان دُعائون ڪرائيندا هئا، ان ڳوٺ جي قريب کان هڪ درياء وهندو هو، هڪ ڀيري ٿيو ايئن جو دريا جو بَند ٽٽي پيو، پاڻي ڳوٺ ڏانهن اچڻ لڳو، ماڻهو ڏاڍا پريشان ٿيا ۽ ڀڄندي نيڪ بزرگ وٽ پهتا، دُعا جي لاءِ عرض ڪيائون، نيڪ بزرگ فرمايو: وڃو! سيئي ماڻهو ڦاوڙا ۽ ٻيا اوزار کڻي اچو! سيئي جلدي ڦاوڙا وغيره کڻي حاضِر ٿيا، نيڪ بزرگ پاڻ به هڪ ڦاوڙو کڻي سيني کي وٺي درياء جي قريب پهتو، ماڻهو سمجهي رهيا هئا ته دريا جو بند ٻڌڻو آهي پر نيڪ بزرگ ان جو ابتڙ ڪيو، دريا جو بند ٻڌڻ بدران جيڪو باقي بچيل هو ان کي به ٽوڙڻ شروع ڪيو، هي ڏسي ماڻهو  گهڻو خفا ٿيا ۽ واپس موٽي ويا. هاڻي ماڻهن وٽ ڪو ٻيو حل نه هو سيئي خوف زده هئا، سيلاب کان بچڻ جي لاء ٻارن ٻچن کي وٺي گهرن جي ڇتن تي چڙهي ويا، ڪافي دير گذرن ڪان بعد انهن ڏٺو، دريا جو پاڻي جيڪو ڳوٺ ڏانهن وڌي رهيو هو رُڪي ويو

[1]... احياء العلوم ، جلد:5، صفحه:160.

[2]... رساله قشيريه، رضا کا بيان ، صفحه:358.

آهي ۽ اهو نيڪ بزرگ ڪلهي تي بيلچو رکي واپس موٽي رهيو آهي. سڀ حيران ٿي ويا تہ آخر ماجرا ڇا آهي؟ ڇتن ڪان لهي جلدي نيڪ بزرگ جي خِدمت ۾ حاضِر ٿي پڇيائون: سائين! ڇا ماجرا آهي؟ سيلاب ڪيئن رُڪجي ويو؟ فرمايائون: مان بچيل بند ٽوڙي رهيو هئس، غيب کان آواز آيو: اي شخص! هي ڇو ٿو ٽوڙين؟ مون عرض ڪيو: يقيناً هي بند الله پاڪ جي مشيت ئي کان ٽُٽو آهي، لهٰذا جڏهن الله پاڪ جي مشيت هي آهي تہ درياء جو پاڻي ڳوٺ ڏانهن اچي تہ مان هن تي راضِي آهيان ۽ پاڻي جو رستو کولي رهيو آهيان. آواز آيو: اي شخص! جڏهن تُون اسان جي مرضِي تي راضِي آهين تہ وڃ! اسان تنهنجي مرضِي کي پُورو ڪريون ٿا. بس انهي سبب کان سيلاب رُڪجي ويو.

سُبحٰنَ الله! خبر پئي: جيڪڏهن اسان الله پاڪ جي رِضا ۾ راضِي ٿي وڃون تہ اِن شَآءَ الله الڪرِيم! الله پاڪ اسان کان راضي ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن الله پاڪ اسان کان راضِي ٿي ويو تہ اِن شَآءَ الله الڪرِيم! بگڙي سنورجي ويندي. الله پاڪ اسان سيني کي پنهنجي رِضا تي راضِي رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

## ربّ جي رِضا تي راضِي رهڻ جي لاءِ ڇا ڪريون؟

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي رِضا ۾ راضِي رهڻ جي عادَت اپنائڻ جي لاءِ ڪوڙ سارا طريقا اپنائي سگهجن ٿا: مثلاً الله پاڪ جي رِضا ۾ راضِي رهڻ جون فضيلتون پڙهون، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها جيڪي هميشہ اُن جي رِضا ۾ راضِي رهندا هئا، انهن جي سيرت پڙهون (هن جي لاءِ احياء العلوم، جلد: 5 کان رِضا جو بيان پڙهڻ مفيد آهي)، اهڙي طرح تڪليف، مصيبت، پريشاني، غُربت وغيره تي ملڻ واري ثوابن بابت مطالعو ڪريون (مثلاً شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جو

رسالو غريب فائدي ۾ آهي ۽ بيمار عابِد پڙهون). هن جي برڪت سان اِن شَآءَ الله الڪرِيم! الله پاڪ جي رِضا ۾ راضِي رهڻ جو ذِهن ٺهندو.

پيرانِ پير، حضور غوثِ اعظم شيخ عبد القادِر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه الله پاڪ جي رِضا ۾ راضي رهڻ جا 2 آسان طريقا ٻڌايا آهن، پاڻ فرمائن ٿا: (1): جيڪو شخص الله پاڪ جي رضا ۾ راضي رهڻ چاهي ٿو، ان کي گهرجي تہ موت کي هميشہ ياد رکي ڇو تہ موت جي ياد دُنياوي مصيبتن کي آسان بڻائيندي آهي (2): جنهن ڳالھ تي دِل ۾ شڪوه اچي، ٻانهي کي گهرجي تہ ان ڳالھ تي شڪوه ڪرڻ بدران، الله پاڪ کان دُعا ڪري، مثلاً ڪنهن تي غُربت اچي وئي يا ڪو بيمار ٿي ويو، هاڻي ان جي دِل ۾ وَسوَسا اچن ٿا تہ ان کي گهرجي تہ غربت يا بيماري جو شڪوه نہ ڪري بلڪ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دُعا ڪري: يا الله پاڪ! مون کان غُربت دور فرماءِ، يا الله پاڪ! مون کي هن مرض کان شِفَا عطا فرماءِ. ايئن پنهنجي دِل کي شڪوه شڪايت بدران، دُعا ۾ مشغول رکي. هن جي برڪت سان اِن شَآءَ الله الڪرِيم! دِل هلڪي ٿي ويندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ رَبّ ڪريم جي رِضَا ۾ راضِي رهڻ جي توفيق بہ مِلي ئي ويندي.[1]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ، نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حِصو وٺو! دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ڪم آهي: فجر جي

[1]... الفتح الرباني، صفحہ:111۔

لاءِ بيدار ڪرڻ. ياد رهي! نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائڻ آخري نبي، نبيءِ اُمّي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّت آهي. الحمد لله! دعوتِ اسلامي کان وابسته عاشقانِ رسول سرڪارِ عالي وقار مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّت تي عمل جي جذبي جي تحت صبح فجر جي نماز کان پهريان گهٽي گهٽي وڃي بلند آواز کان درود وسلام پڙهندي ۽ ماڻهن کي بستر ڇڏي نمازِ فجر جي لاءِ دعوت ڏيندا آهن. اوهان به هن ديني ڪم ۾ حِصّو وٺو، صبح جلدي اُٿو، الله پاڪ نصيب ڪري ته نمازِ تهجد ادا ڪريو، ذِڪر ۽ درود ڪريو، اذانِ فجر جي بعد مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار مطابق ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳايو، هن عَمَل جي برڪت سان اِن شَآءَ الله الڪريم! ڪوڙ ثواب هٿ ايندو.

## ڪلمو پاڪ جو ورد ڪرڻ لڳو

پنجاب، ضلعي اوڪاڙه جي شهر ديپالپور جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: منهنجو چاچو محمد رفيق عطاري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَڪَاتُهُمُ العَالِيَه جو مُريد هو، ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ ان جو معمول هو، صبح جلدي اُٿي پري پري تائين وڃي مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ بيدار ڪندو هو، هن عادَت جي ڪري پوري ديپالپور ۾ مشهور هو، هڪ ڀيري فيصل آباد کان واپس گهر موٽي رهيو هو نمازِ عشاء جو وقت ٿيو ته گاڏي روڪي نماز ادا ڪئي ۽ پوءِ سفر تي روانا ٿيا، گاڏي پنهنجي رفتار سان وڃي رهي هئي، اوچتو محمد رفيق عطاري بلند آواز کان ڪلمو پڙهيو ۽ فرمايائون: سڀئي ڪلمو پڙهو، سيني ڪلمو پڙهيو، ٿوري دير گذري ته اوچتو گاڏي کي زور دار جهٽڪو لڳو ۽ گاڏي کائي ۾ وڃي

ڪري، سپئي ماڻهو معمولي زخمي ٿيا پر محمد رفيق عطاري کي شديد زخم آيا، سخت تڪليف جي باوُجود سندن زبان تي ڪلمو شريف جاري هو ۽ ما شَآءَ اللّٰه! قسمت ڏسو! ڪلمو پڙهندي پڙهندي ئي دُنيا مان موڪلائي ويا.

فضل وکرم جس پر بھی ہوا، لب پر مرتے دَم کلمہ | جاری ہوا، جنت میں گیا، لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہ

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اوقاتِ نماز (*Prayer Times*) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ نهايت پياري موبائل ايپلي ڪيشن بنام اوقاتِ نماز (*Prayer Times*) جاري ڪئي آهي ❁ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن بہ مقام جي اوقات ۽ سمتِ قبلہ معلوم ڪري سگهجن ٿا ❁ هن کان علاوه پنج نمازن جي وقتن بابت ماهوار ٽائم ٽيبل ❁ اذڪار (روحاني علاج) ❁ مدني چينل ريڊيو ❁ نماز جي اوقات ۾ موبائل کي سائلنٽ (*Silent*) ڪرڻ جي سهولت ۽ اسلامي ڪيلنڊر موجود آهي. پنهنجي موبائل ۾ هي ايپليڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَ مَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت

ڪئيءَ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

## گهٽ کائڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلّي الله عَليه وآلِه وسَلَّم: (1): جڏهن بانهو گهٽ کائيندو آهي، ان جو باطن نور سان پرجي ويندو آهي.[2] (2): جيڪو دُنيا ۾ گهٽ کائي، گهٽ پئي، الله پاڪ ملائڪن اڳيان ان تي فخر فرمائيندو آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! گهٽ کائڻ سُنَّت آهي. ۞ اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بک کان گهٽ کائيندا هئا، ۞ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيستائين دُنيا ۾ تشريف فرما رهيا، ڪڏهن لاڳيتون ٻه راتيون پيٽ ڀري نہ کاڌائون ۞ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بُک سبب پيٽ تي پٿر ٻڌندا هئا.

کائڻ جي مِقدَار بابت اَحڪام: ۞ بک رکي کائڻ سُنت آهي ۞ جيتري بک آهي، اوترو کائڻ مُبَاح آهي (يعني هن ۾ نہ گُناه، نہ ثواب) ۞ پيٽ ڀري ايترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو گمان ٿئي، حرام آهي ۞ پيٽ ڀري ايترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو انديشو نہ هجي، مڪروه آهي ۞ غِذَا ۾ ايتري ڪمي ڪرڻ جو فرائض جي ادائيگي ۾ خلل اچي، ناجائز آهي.[4]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد: 3، حصو: 16

---

[1]... مشکوٰة، کتابُ: الْاِيمان، بابُ: الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔

[2]... جامع صغير، صفحه:233،حديث:3831۔

[3]... مَجْمَعُ الزَّوائِد، کتابُ الْاَدب، باب حُسْنِ اَخْلَاق کے بيان ميں، جلد:8، صفحه:19، حديث:12687۔

[4]... بهارِ شَرِيْعت، حصه:16، جلد:3، صفحه:374 ملخصًا ۔

۾ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد